SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1990

SINDH ORDINANCE NO.V OF 1990

سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (پي ترميم) آرڊيننس، 1990

THE SINDH BUILDINGS CONTROL (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1990

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of Sindh Ordinance V of 1979

سنڌ آردِيننس نمبر V مجريہ 1990

SINDH ORDINANCE NO.V OF 1990

سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ٻي ترميم) آردِيننس، 1990

THE SINDH BUILDINGS CONTROL (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1990

[04 سيپٽمبر 1990]

آردِيننس جنهن ذريعي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آردِيننس، 1979 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آردِيننس، 1979 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي

عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (پي ترميم) آرڊيننس، 1990 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور ۽ 27 آگسٽ 1990 کان لاڳو ٿيندو.

1979 سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of Sindh Ordinance V of 1979

2. سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 جي دفعہ 6 ۾ ذيلي دفعہ (4) کانپوءِ هينيون نيون دفعات ۽ وضاحت شامل ڪئي ويندي:

"(5) ڪنهن بہ وقت ذيلي دفعہ (1) تحت اعتراض نہ ڪرڻ واري سرٽيفڪيٽ ونڊ کانپوءِ پر عمارت جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ جيڪڏهن حڪومت مطمئن آهي تہ ڪنهن بہ ايراضيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي عمارت جي تعمير عوامي مفاد ۾ نہ آهي ۽ هن آرڊيننس، قاعدن يا ان سلسلي ۾ جوڙيل ضابطن جي ڪجهہ تضاد ۾ آهي تہ بنا نوٽيس جي سرٽيفڪيٽ معطل يا رد ڪري سگهي ٿي.

وضاحت: هن ذيلي دفعہ ۾استعمال ٿيل اظهار "عمارت جي تڪميل" مطلب عمارت جي تڪميل هر صورت ۾ منظور ٿيل منصوبي موجب آهي ۽ جنهن سلسلي ۾ والار (Occupancy) سرٽيفڪيٽ جاري ٿي چڪو آهي.

(6) جتي ذيلي دفعہ (5) تحت ڪو حڪم جاري ڪيو

ويو آهي، تہ اٹارٹي طرفان معاملو حڪومت طرفان ڏنل هدايت موجب حل ڪيو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي